# ماھوار سائنس

## اندرين جهلڪ


- ڌرتي- اسانجو ننڍڙو گرھ
- ڪڪرن ۾ برساتن جا قسم
- ٻن ٻوٽن جي زندگي آھن
- سائنس جي رفتار
- ابو ريحان ”البيروني“
- مصر جي سانڍيل لاشن جو ڪيميائي تجزيو
- ريڊيو ۾ لھرون
- برقي سيل
- ڪسرت
- جھرڪي





مئي ١٩٧١ع

قيمت ٦٠ پئسا

UNIVERSITY OF SIND






وَالْأَرْضَ مَدَدْنٰهَا وَأَلْقَيْنَا فِيهَا رَوَاسِيَ وَأَنْبَتْنَا فِيهَا
مِنْ كُلِّ زَوْجٍ بَهِيجٍ ۝ تَبْصِرَةً وَّذِكْرٰى لِكُلِّ عَبْدٍ
مُّنِيبٍ ۝ وَنَزَّلْنَا مِنَ السَّمَآءِ مَآءً مُّبٰرَكًا فَأَنْبَتْنَا بِهٖ
جَنّٰتٍ وَّحَبَّ الْحَصِيدِ ۝ وَالنَّخْلَ بٰسِقٰتٍ لَّهَا
طَلْعٌ نَّضِيدٌ ۝ رِّزْقًا لِّلْعِبَادِ وَأَحْيَيْنَا بِهٖ بَلْدَةً مَّيْتًا ط

”۽ زمين کي ڏسو ، انکي اسان پکيڙيو ۽ ان ۾ جبل رکيا ۽ ان ۾ هر طرح جون خوشنما شيون آپايون تہ جيئن (اسان ڏانهن) رجوع ٿيڻ وارا بندا هدايت ۽ نصيحت حاصل ڪن ، ۽ آسمان مان برڪت وارو پاڻي لاٿو ۽ ان مان باغ و بستان آپايا ، ۽ کيتيءَ جو اناج ۽ ڊگهيون کجورون، جن جا سنگ تهن مٿان تهہ وارا ٿين ٿا۔ اهو سڀڪجهہ بندن کي روزي ڏيڻ لاءِ ڪيو ۽ مرده شهرن (ويران زمينن) کي جيئرو ڪيو .

(سوره ق (٥٠) آيتون ٧ کان ١١)

سان پاڻي نهي ٿو) انوقت فقط گئسون هيون. جڏهين ڌرتي ٿڌي ٿيڻ لڳي ته هائڊروجن ۽ آڪسيجن جي جوهرن پاڻ ۾ گڏجي پاڻيءَ کي وجود ۾ آندو. تنهن هوندي به ڌرتي ايتري قدر گرم هئي جو پاڻي پاڻياٺ جي شڪل ۾ برقرار رهي نٿي سگهيو. باقي جيڪا گئس جي شڪل ۾ پاڻي ٿي آهي، زمين ٿان اڏامي مٿي ويئي ۽ اتي ٿڌ لڳڻ سان ڪڪرن جي صورت ۾ آئي. انهن ڪڪرن مان به جيڪڏهين ٿورو گهڻو پاڻي وسندو هو ته اهو به زمين تي ڪرڻ سان گرم ٿــي وري گئس بڻجي ڪڪرن سان وڃي ملندو هو. نيٺ ڌرتي انهيءَ حد تائين ٿڌي ٿي ويئي جو ڪجهه پاڻي پاڻياٺ جي صورت ۾ برقرار رهـي سگهيو. اهڙيءَ حالت ۾ اڇڻ ڪانپوءِ پاڻيءَ جـو ڪافي مقدار، بخار جي شڪل اختيار ڪري، ڪڪرن سان وسڻ لڳــو جنهن کي برسات چيو وڃيٿو. سائنسدانن جو خيال آهي ته زمين تي پهرين برسات چند ڪروڙ سال اڳ پيئي هوندي. زمين جي سطح تي پاڻيءَ جي وهڪري يا ٻيهڪ سان وڏيون وڏيون کڏون بڻجي ويون، جن اڳتي هلي ڍنڍن، دريائن ۽ سمنڊن جـي صورت اختيار ڪئي.

## ڌرتيءَ جي فضا

قدرت طرفان جهڙيءَ طرح ڌرتيءَ کي مختلف تهه ڏيئي انسانن جي رهڻ لائق بڻايو ويو آهـي اهڙيءَ طرح ان کي آسماني ۽ خلائي آفتن کان بہ محفوظ رکيو ويو آهي.

ڌرتيءَ جي اندرين تهن کانسواءِ انجي مٿان به هوا جا ڪيترائي تهه چڙهيل آهن جي اسان کي ڏسڻ ۾ ڪونه ٿا اچن. انهن هوائـي تهن ڪري ڌرتي ۽ ان جي رهڻ وارن تي ڪافي دٻاءُ پوندو آهي. هوا زمين جي سطح تي ۱۵ پائونڊ في انچ جي حساب سان دٻاءُ رکي ٿي. جيڪڏهين هر انسان هڪ فوٽ به جڳهه والاري ته ان تي ڪل هوا جو دٻاءُ سوا ٻه مڻ ٿيندو پر اسين اهو محسوس نه ڪري سگهندا آهيون. ڌرتيءَ جي سطح کان ۴۰،۰۰۰ ميلن تائين فضا جا جيڪي پٽا اچي وڃن ٿا، انهن کي هيٺينءَ ريت ورهايو ويو آهي:-

(۱) ٽروپوسفيئر (Troposphere):- هن پٽي ۾ انسان رهن ٿا. هي پٽو ۵ کان ۱۰ ميلن جي اوچائيءَ تائين آهي. هن ۾ جيڪي هوائون هلن ٿيون انهن کي ڌرتيءَ جي آبهوا سڏيو ويندو آهي.

(۲) اسٽراٽو سفيئر (Stratosphere):- هي پٽو بين ۱۰ کان ۱۵ ميلن تائين اوچو هوندو آهي. هي سنهي ۾ سنهون پٽو آهي جنهن ۾ گئسي ماليڪيول هوندا آهن. هـن پٽي جـي هيٺئين تهه ۾ سلفيٽ جا جزا موجود هوندا آهن جيڪي برسات وسائڻ ۾ مدد ڏيندا آهن. مٿيون تهه اوزون گئس جو آهـي جيڪا سج جا خطرناڪ ڪرڻا (Ultra Violet Rays) جذب ڪندي آهي جيئن زمين تي رهڻ وارن کي نقصان نه پهچي.

(۳) ميسو سفيئر (Mesosphere):- هـي گرم پٽو هوندو آهــي. خلا مـان نهرا جسم جهڙوڪ شهاب يا ڪڙندڙ تارا جڏهن ٽٽي هن پٽي مان لنگهندا آهن ته اهي سڙي خاڪ ٿي ويندا آهن. هن پٽي جي اوچائي ۱۵ کان ۵۰ ميلن جي وچ ۾ آهي.

(۴) آئنوسفيئر (Inosphere):- هي پٽو ۵۰ ميل مٿي کان شروع ٿئي ٿو ۽ ۳۵۰ ميلن کانپوءِ هلڪو ٿيندو ۶۰۰ ميلن تائين پهچندو آهي. هن پٽي ۾ بجليءَ جي ڌار وارا (Ionized) گئسن جا جـزا هوندا آهن ۽ انجي هيٺئين حصي ۾ ڪڪر هوندا آهن. هي پٽو انسانن لاءِ ڏاڍو ڪارآمد هوندو آهــي ڇو ته اهو ريڊيائي لهرن (Radio waves) کي موڙي هيٺ ڌرتـيءَ تـــي موڪليندو آهي.

(۵) ايڪسپوسفئير ( Exposphere ):- هي آخري فضائي پٽو آهي جتي فضا نــه هئڻ جي برابر هوندي آهي. هن ۾ مقناطيسي پٽا هونــدا آهن جنجو اثر چاليهه هزار ميلن تائين هوندو آهي. هــي پٽو ڌرتيءَ جــي ڍال آهي ۽ سيني آفتن کان زمين تي رهڻ وارن کي محفوظ رکندو آهي. هن پٽي مان نه اندرين شئي ٻاهر وڃي سگهي ٿي ۽ نه وري ٻاهرين آفت اندر اچي سگهي ٿي.

اهڙيءَ طرح ڪائنات جي خالق هن ڌرتيءَ کي بـہ پنهنجي بهترين شاهڪارن مـان هڪ بڻايو آهي ۽ هن تـي رهڻ وارن لاءِ هر قسم جون سهولتون ۽ حفاظتي تدبيرون موجود ڪيون آهن.

سائنسدانن ڪڪرن جي ٻئي قسم جو نالو **"اسٽري ٽس"** (Stratus) ڇيو آهــــي. عربيءَ ۾ ان کي "مخطط" يا "مطبق" چوندا آهن. ڪن ماهرن ان جو نالو عربيءَ ۾ "عارض" تجويز ڪيو آهي. اهي ڪڪر گهڻو ڪري ٻن هزار فوٽن جي اتانهين کان هيٺ ڏسڻ ۾ اچن ٿا ۽ ڏند يا ڪو هيڙي وانگر ڦڪي ته جا ڏسڻ ۾ ايندا آهن.

ٽڪرين تي چڙهندي ڪڏهين ڪڏهين انهن ڪڪرن سان لنگهڻو پوندو آهي تڏهين ائين سمجهبو آهي ته ڪوهيڙو يا ڏنڌ ورائي ويو آهي.

اهي سڀ کان هينيان ڪڪر آهن. قـرآن مجيد ۾ انهن ڪڪرن جي قسم جو ذڪر هن طرح ڪيل آهي:

> "الله اهو آهي جو هوائن کي موڪلي ٿو پوءِ اهي "ڪسف" ( ڪڪرن ) کي کڻن ٿيون پوءِ الله تعاليٰ جهڙي طرح گهري ٿو آسمان ۾ پکيڙي ٿو ۽ ان جا ٽڪرا ٽڪرا ڪري ٿو پوءِ اوهان مينهن کي ڏسو ٿا جو ان جي اندران نڪري ٿو."

(سورة "الروم")

مٿينءَ آيت سڳوري ۾ انهن ڪڪرن کي، جن کي سائنسدانن ابر مخطط، مطبق يا عارض سڏيو آهي، قرآن مجيد ان کــي وري "ڪسف" ڪــــڪر سڏيو آهي. "ڪسف" جو لفظ بادل جي نوعيت کي بخوبي ظاهر ڪري ٿو ته اهي بادل تهن تي تهه وانگر آهن. قرآن مجيد ۾ انهي لفظ کي انهيءَ معنيٰ ۾ استعمال ڪيو آهي.

ڪڪرن جي ٽئين قسم جو نالو انگريزيءَ ۾ **"ڪيومولس"** (Cumulus) آهي. هي ڪڪر گهڻو ڪري گهاٽا ٿين ٿا پر سندن مٿاڇرو نرم ۽ سنهون ڏسڻ ۾ ايندو آهي ۽ پريان برف جي جبلن وانگر ڏسڻ ۾ پيا ايندا آهن.

سندن رنگ اڇو ميرانجهڙو ٿئي ٿو. اهي ڪڪر گهڻو ڪري ٽن هزار فوٽن کان وٺي هڪ لک فوٽن تائين اوچا ٿيندا آهن. ڪڏهين سج جي ڪرڻن ڪري سندن ڪناريون چانديءَ وانگر چمڪنديون نظر اينديون آهن ۽ آسمان ۾ وڻندڙ نظارو ڏيکارينديون آهن، مگر انهن ۾ ايترو پاڻي نه هوندو آهي جو زمين تي وسي. اهي بادل ان وقت نظر ايندا آهن جڏهين برسات وسي بس ڪندي آهي ۽ سج چمڪندو نظر ايندو آهي. عربي سائنسدانن جي ڪتابن ۾ ڪيومولس جي مراد ابر متراڪم يا غمام آهي.

جيتوڻيڪ اهي ٻئي لفظ قران مجيد ۾ آهن. قران مجيد ۾ جتي به اهي لفظ آيا آهن اتي انهن جي مراد اهڙا ڪڪر آهن جيڪي وسندا نه آهن.

انهي ڪري غمام (ڪيومولس) صحيح معنيٰ ۾ اهي بادل آهن جيڪي فقط آسمان کي ڍڪي ڇڏيندا آهن، مگر انهن جو وسڻ ضروري نه آهي. قران پاڪ ۾ اهو لفظ ڪيترن هنڌن تي آيو آهي. هڪ هنڌ تي فرمايل آهي. "وظللنا عليڪم الغمام" (۽ اسان توهان تي ڇانو ڪيو ڪڪر جو) تنهنڪري "غمام" بادل مان مراد فقط ڇانوَ آهي ۽ ڪيومولس جي مراد به ساڳي آهي.

بادلن جي چوٿين قسم جو نالو **"نمبس"** (Nimbus) آهي. ڪن ماڻهن ان جو ترجمو "حاملات" ۽ ڪن "ممطر" ڪيو آهي.

"نمبس" اهي بادل آهن جيڪي پاڻيءَ سان ڀريل ٿيندا آهن. انهن جو رنگ ڪارو يا خاڪي هوندو آهي. زمين کان اهي ڪڪر پندرهن سؤ کان وٺي ڇهه هزار فوٽن تائين مٿي هوندا آهن. اهي مينهن گهڻو وسائيندا آهن. قرآن مجيد اهڙن بادلن کي "عارض ممطر" سڏيو آهي. اهي بادل جڏهن وسي هليا ويندا آهن ته ان وقت آسمان ۾ چانديءَ جون ليڪون ڏسڻ ۾ اينديون آهن. انهن ڪڪرن بابت ارشاد باري آهي:

> "فلما رآوه عارضا مستقبل اوديتهم قالوا هذا عارض ممطر" (يعني - دشمن تي هڪ عذاب نازل ڪرڻ وارو بادل موڪليو ويو جيئن ته اهو عارض ممطر (وسندڙ بادل جي مشابه هو انهيءَ ڪري انهن سمجهيو ته اهو ڪڪر آهي جنهن مان هميشه مينهن وسندو آهي).

مٿين چئن قسمن کان سواءِ ٻين به گهڻني قسمن جي ڪڪرن جو ذڪر قران حڪيم ۾ موجود آهي.

**سحاب المسخر:-** اللهتعاليٰ قرآن مجيد ۾ فرمائي ٿو " والسحاب المسخر بين السماء والارض" (۽ بادل جن گهيرو ڪيو آهي آسمان ۽ زمين جي وچ ۾) هي اهي بادل آهن جيڪي آسمان ۾ پکڙيل هوندا آهن مگر وسندا ڪو نه آهن مٿين آيت جي شروع ۾ ٻهرين قسمن جي ڪڪرن جي وسڻ جو ذڪر ڪيو ويو آهي، جانورن جي پکڙجڻ جو ذڪر ڪيو ويو آهي ۽ هوائن لڳڻ جو ذڪر ڪيو ويو آهي پر جتي "سحاب المسخر" جو بيان ڪيو ويو آهي اتـــي

# اپيل

انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجيءَ طرفان سنڌي ٻوليءَ ۾ ڇپيل ڪتابن جو ڪئٽالاگ تيار ٿي رهيو آهي. ماهوار "سائنس" مخزن جي سڄاڻ پڙهندڙن کي اپيل ٿي ڪجي ته هو انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجيءَ کي پنهنجي ڪتب خاني ۾ گڏ ڪيل سنڌي ڪتابن جو ڪئٽالاگ ناهي موڪلين، جيئن "ڇپيل سنڌي ڪتابن جو ڪئٽالاگ" جهڙي اهم رٿا مڪمل ٿي سگهي.

اسان جي ڪوشش بهرحال اهائي آهي ته ڪو به ڇپيل سنڌي ڪتاب هن رٿا کان ٻاهر نه رهجي وڃي. هتي اسين ڪئٽالاگ جي ڪارڊ جو نمونو ڏئي رهيا آهيون، انهيءَ مطابق ئي ڪئٽالاگ ناهي هيٺ ڏنل ائڊريس تي موڪلي ٿورائتو ڪندا.

| | |
|---|---|
| عنوان : | موضوع : |
| ليکڪ : | ڪيفيت : |
| مترجم : | |
| ناشر : | |
| سال : | |
| صفحا : | |
| قيمت : | |
| سائيز : | |

غلام علي الانا
اسسٽنٽ ڊائريڪٽر
انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي
سنڌ يونيورسٽي، حيدرآباد سنڌ.

# ابو ريحان "البيروني"

## جغرافيه جو عالم، سياح، فيلسوف، ماهر رياضي، هيئت دان ۽ طبيب

### "ابو ريحان محمد ابن احمد البيروني"،

٣ ذوالحج سنه ٣٦٢ھ مطابق ٤ ڊسمبر ٩٧٣ع ڌاري خوارزم ۾ پيدا ٿيو. شروع ۾ وچ ايشيا جي ساساني بادشاهن جي هڪ ڏن پرينڊڙ خاندان (مامون) جي سرپرستي ۾ رهيو ۽ پوءِ جرجان ۾ چند سال سلطان قابوس جي دربار ۾ ملازم ٿيو. انهيءَ عرصي ۾ هن پنهنجو مشهور ڪتاب "آثار باقيه" مڪمل ڪري اهو سلطان جي نالي منسوب ڪيو.

سنه ٤٠٧ھ ۾ جڏهن سلطان محمود غزنوي خوارزم فتح ڪيو، تڏهن ٻين عالمن سان گڏ "البيروني" کي به افغانستان وٺي آيو. افغانستان ۾ رهڻ واري زماني ۾ هن رياضي، علم فلڪ، هيئت ۽ طب سان گڏ سائنس جي ٻين شعبن ۾ يڪسوئي ۽ فراغت سان عالمانه، بامقصد ۽ نتيجي خيز تحقيق ۽ تفتيش ڪئي. هن جي تنقيد نگاري جي صحت، منصف مزاجي، سچائي، دماغي سلاست، ذهني پختگي، استدلال، سنجيدگي ۽ گفتگو جي شائستگي قرون وسطيٰ جي عالمن، حڪيمن، فيلسوفن ۽ طبيبن وٽ سند طور مڃيل هئي. "البيروني" جو علم سان عشق جنون جي حد تائين پهتل هو. سندس چوڻ آهي ته:–

"علم جي روشني پکيڙي جهل جي تاريڪي
هٽائڻ ۽ دنيا کي علم جي روشنيءَ سان منور ڪرڻ
هر انسان تي فرض آهي".

هن پنهنجي چوڻ تي خود عمل ڪرڻ ضروري سمجهيو ۽ مختلف ملڪن ۾ جتي جهالت پنهنجا سياه پردا انساني عقل، علم، ضمير ۽ عقيدي تي تاڻي ڇڏيا هئا، البيروني پنهنجي ناقابل شڪست عزم سان انهن ملڪن ۾ پهتو ۽ علم جي روشني پکيڙيائين. ان کان سواءِ هن ڪيترا ڪتاب لکيا، جنهن مان سندس مقصد دنيا کي علم جي روشني سان منور ڪرڻ ۽ انسان ذات جي اعليٰ اقدار جو تحفظ ۽ ترقي هو.

هي عظيم سائنسدان، ماهر طبيب، جاگرافي جو بهترين سائنس



عالم ۽ دنيا کي علم جي روشنيءَ سان منور ڪندڙ باهمت سياح ٢ رجب سنه ٤٤٠ھ مطابق ١١ ڊسمبر ١٠٤٨ع ڌاري وفات ڪري ويو.



**تصنيفات:** سندس ڪتابن مان عربي زبان ۾ لکيل چند مشهور ڪتاب هي آهن:–

(١) "ڪتاب الآثار الباقيه عن قرون الخاليه". هن ڪتاب ۾ صفدين، ايرانين، خوارزمين، يهودين، شامين ۽ يونانين جي ڪئلنڊرن (تقويمن) تي عالمانه ۽ بالغ نظريءَ سان بحث ڪيل آهي. قديم قومن جا تاريخي حالات جيتوڻيڪ ٻين به ڪيترن ئي قديم تاريخن ۾ لکيل آهن پر انهن جي مذهبي خيالن، عقيدن ۽ رسمن جي باري ۾ جنهن تفصيل سان "آثار الباقيه" ۾ ذڪر ڪيو ويو آهي، اهو ٻئي ڪنهن به ڪتاب ۾ ناهي. (٢) "ڪتاب الهند". (٣) القانون المسعودي في الهيئت والنجوم" هي ڪتاب علم هيئت ۽ علم الافلاڪ تي ضخيم تصنيف آهي جيڪو محمود غزنوي جي پٽ **سلطان** مسعود جي نالي منسوب ڪيل آهي. (٤) تفهيم الاوائل".

"ڪتاب الهند" - حقيقت ۾ هڪ اهڙو آئينو آهي جنهن ۾ سنه يارهين صدي جي هندستانين جي تهذيب ۽ تمدن، علم ۽ ادب، شاعري ۽ مصوري ۽

# گرميءَ ۾ ڇا پيئڻ ڇو؟

گرميءَ جي موسم ۾ اڃ وڌيڪ لڳندي آهي. ننڍا ٻار گرميءَ ۾ ٻاهران راند ڪندي ڊوڙندا ايندا ۽ سڌو اچي پاڻي پيئندا آهن. وڏا به جڏهين گهر ۾ ايندا ته اڃ سبب شربت يا ٿڌو پاڻي پيٽ ڀري پي ويندا آهن. اڪثر گهرن ۾ اسانکي اهو تماشو ڏسڻ ۾ ايندو.

گرميءَ ۾ اسين پاڻي وڌيڪ ڇو پيئون ٿا؟ انڪري جو گرمي جي موسم ۾ طبيعت جي قدرتي طور تي اها تقاضا ٿئي ٿي ته جسم کي ٿڌو رکيو وڃي ۽ گرميءَ سبب جيڪا بي آرامي پيدا ٿئي ٿي، انکي ختم ڪيو وڃي.

جسم جي اندر گرمائش گهڻو ڪري عضون ۾ اهڙي مواد جي جلڻ سان حاصل ٿئي ٿي جيڪو ٻارڻ جو ڪم ڏئي ٿو. ان مواد جي جلڻ سان اسانجي جسم ۾ توانائي پيدا ٿئي ٿي. رت، جيڪو گهڻو ڪري پاڻيءَ تي مشتمل هوندو آهي ۽ جسم ۾ ڦرندو رهندو آهي، انهيءَ گرمائش کي جذب ڪري چمڙي تائين پهچائي ٿو جيڪا وري انکي پگهرجي صورت ۾ ٻاهر ڪيدي ٿي.

ماهرن جي اندازي مطابق اٽڪل ٻه ٽي سير پاڻي روزانه سڌي طرح رت جي ذريعي نيڪال ٿئي ٿو. تنهنڪري اسانکي جسم ۾ پاڻيءَ جي رسائيءَ جي تقاضا جو پورو پورو اهتمام ڪرڻو ضروري آهي ۽ اهوئي سبب آهي جو اسانکي گرمي جي موسم ۾ وڌيڪ اڃ لڳي ٿي.

جسم مان پاڻي ٻاهر نڪرڻ جو اهوئي واحد طريقو ڪونهي پر جيڪا هوا اسين ساه سان ٻاهر ڪيدا آهيون اها به آلي هوندي آهي ۽ اسين روزانه اٽڪل ڏيڍ آنو پاڻي اهڙيءَ طرح جسم مان خارج ڪريون ٿا. تنهن کانسواءِ هڪ وچولي درجي جو ماڻهو اٽڪل هڪ پاءُ کان ڏيڍ پاءُ تائين پاڻي پيشاب ذريعي پنهنجي جسم مان نيڪال ڪري ٿو.

جيڪڏهين گُردن کي ڪافي پاڻي نه ملي ته هو پنهنجو ڪم پوريءَ طرح ڪري نه سگهندا. گُردن جو ڪم تمام اهم آهي ڇو ته اسانجي جسم جا ڪيترائي زهر پيشاب ذريعي نيڪال ٿين ٿا. مطلب ته جسم کي جيڪڏهين طبعي حالت ۾ رکڻو آهي ته پوءِ اسانکي جسم کي ڪافي مقدار ۾ پاڻي مهيا ڪرڻ گهرجي ڇو ته اسانجي جسم جو منو حصو پاڻيءَ مان مرڪب هوندو آهي.

هاڻي سوال پيدا ٿئي ٿو ته اسين ڇا پيئون ۽ خاص ڪري گرميءَ جي موسم ۾ ڪهڙي قسم جون شيون پيئڻ گهرجن؟ عام حالتن ۾ پاڻيءَ کان وڌيڪ ڪو به مشروب نه آهي، پر سخت گرميءَ ۾ اسانکي پيون شيون به استعمال ڪرڻيون پون ٿيون. ڪيترا ماڻهو پاڻيءَ کي لذيذ بنائڻ لاءِ ان ۾ ميون جو شربت ملائي پيئندا آهن. ميون جو شربت گرمين ۾ اڪثر نهايت ضروري ٿيو پوي پر انکي به پاڻيءَ جي بدران ته استعمال نٿو ڪري سگهجي. ڪاڏو ڪاڻ ڪانپوءِ شربت پيئڻ سان هاضمو خراب ٿي ويندو آهي. ضرورت کان وڌيڪ کنڊ واپرائڻ سان ڏند خراب ٿيو پون ۽ ٻيا به نقصان رسن ٿا ڇو ته کنڊ جسم ۾ ٻارڻ جو ڪم ڪندي آهي.

گرميءَ ۾ اسانکي اهڙا مشروبات استعمال ڪرڻ گهرجن جنجو تاثير ٿڌو هجي ۽ کنڊ جا مصلح جزا به ان ۾ شامل هجن. اهڙن ميون جو پاڻي به استعمال ڪرڻ گهرجي جن ۾ حياتين موجود هجن. اهڙن مشروبات کي ئي حقيقي معنيٰ ۾ ”جام صحت“ چئي سگهجي ٿو. بازار مان اسانکي اهڙائي شربت وٺڻ گهرجن جيڪي ميون مان تيار ڪيل هجن. مکڻ نڪتل لسي به گرميءَ جي موسم لاءِ بهترين مشروب آهي.

# ريڊيو ۽ لهرون



اڄڪلهه ريڊيو، انساني ضروريات ۾ هڪ اهم ڪردار ادا ڪري ٿو. ريڊيو جي ذريعي دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ جون خبرون ۽ ٻي مفيد معلومات اسان گهر ويٺي ٻڌي سگهون ٿا. اهو معلوم ڪرڻ لاءِ ته آواز هڪ هنڌ کان ٻئي هنڌ تائين ڪيئن ٿو پهچي ۽ براڊ ڪاسٽنگ هائوس مان پروگرام وغيره ڪيئن ٿو نشر ٿئي، سڀ کان پهرين لهرن جي باري ۾ اسان کي پوري پوري معلومات هئڻ کپي. هر لهر (Wave) خواهه اها بجليءَ جي هجي يا آواز جي، هڪ سيڪنڊ ۾ جيترا چڪر لڳائيندي آهي، تنهن کي فريڪئنسي (Frequency) چئبو آهي. ڪجهه لهرون اهڙيون آهن جن کي اسين ٻڌي سگهون ٿا، ۽ ڪجهه لهرون اهڙيون آهن جن کي ڪنن سان ڪونه ٿو ٻڌي سگهجي. اهي لهرون جن کي ڪنن سان ٻڌو وڃي ٿو تن جي فريڪئنسي سورهن هزار چڪر في سيڪنڊ کان ويهه هزار چڪر في سيڪنڊ تائين آهي. انهن کي آڊيو فريڪئنسي (Audio Frequency) سڏيو ويندو آهي. انهن کان وڌيڪ رفتار وارين لهرن کي ريڊيائي لهرون (Radio Waves) چئبو آهي. اهي لهرون ريڊيو ۽ ٽيليويزن جي ڪمن ۾ استعمال ٿينديون آهن. هيٺين چارٽ ۾ لهرن جو تفصيل ڏجي ٿو.

| | | |
|---|---|---|
| ١٠ کان ٣٠ ڪلوسائيڪل | تمام ٿوري فريڪئنسي | V.L.F. |
| ٣٠ کان ٣٠٠ " | ٿوري " | L.F |
| ٣٠٠ کان ٣٠٠٠ " | وچولي " | M.F |
| ٣ کان ٣٠ ميگا سائيڪل | وڌيڪ " | H.F |
| ٣٠ کان ٣٠٠ " | ڪجهه وڌيڪ " | V.H.F |
| ٣٠٠ کان ٣٠٠٠ " | گهڻي وڌيڪ " | U.H.F |
| ٣٠٠٠ کان ٣٠٠٠٠ " | تمام گهڻي وڌيڪ " | S.H.F |

براڊ ڪاسٽنگ هائوس ۾ آوازي يا صوتي لهرن (Sound Waves) کي سڀ کان پهرين مئڪروفون (Microphone) جي ذريعي برقي مقناطيسي لهرن (Electro Magnetic Waves) ۾ تبديل ڪيو ويندو آهي. جيئن ته انهن لهرن جي فريڪئنسي تمام ٿوري هوندي آهي تنهنڪري انهن کي هڪ هنڌ کان ٻئي هنڌ تائين سڌو پهچائي نٿو سگهجي، ان لاءِ براڊ ڪاسٽنگ هائوس ۾ هٿرادو تيز رفتار لهرون پيدا ڪيون وينديون آهن. پوءِ برقي مقناطيسي لهرن کي ريڊيائي لهرن جي مٿان سوار ڪيو ويندو آهي ۽ گڏيل لهرن کي ايريل جي ذريعي هوا ۾ اماڻيو ويندو آهي. ريڊيائي لهرن کي عام طور تي حامل لهرون (Carrier Waves) چئبو آهي ۽ ٻنهي گڏيل لهرن کي جن جي فريڪئنسي تمام گهڻي هوندي آهي تن کي منقلب لهرون (Modulated Waves) چئبو آهي.

شڪل نمبر-٢ مطابق (صفحو ٢٦) پهريائين مئڪروفون جي ذريعي صوتي لهرن کي برقي لهرن ۾ تبديل ڪيو ٿو وڃي، وري انهن کي افزائشي عمل (Amplification)






هيٺ ڪجهه طاقتور ناهيو تـــو وڃي. ٻئي پاسي آسيليٽر (Osscilator) جـــي ذريعي جيڪي ريڊيائـــي لهرون پيدا ڪيون وڃن ٿيون، تـن کي بـه افزائشي عمل هيٺ طاقتور بڻايو ويندو آهـي. پوءِ ٻنهي لهرن کي گڏيدي منقلب لهرون ٺاهيون وينديون آهن، وري انهن کي بہ افزائش هيٺ آڻي، ايريل جي ذريعي هوا ۾ موڪليو ٿو وڃي. انهن لهرن جي رفتار روشنيءَ جي رفتار جهڙي يعني $3 \times 10^8$ ميٽر في سيڪنڊ هوندي آهي. مختلف لـهرن جو مقرر فاصلي تائين پهچڻ، ٽرانسميٽر جي پيدا ٿيل لهرن جي فريڪئنسيءَ تي مبني آهي.

مثال طور هڪ لهر جي فريڪئنسي ٣٠٠٠،٠٠٠ چڪر في سيڪنڊ آهي، ٻين اکرن ۾ ائين چئجي تہ انجو هڪ چڪر $\frac{١}{٣٠٠٠،٠٠٠}$ سيڪنڊ ۾ پورو ٿئي ٿو- ۽ جيئن تہ ريڊيائي لهر جي رفتار $3 \times 10^8$ ميٽر في سيڪنڊ آهي، ان حساب سان هڪ چڪر، ٻئي چڪر شروع ٿيڻ تائين جيڪو فاصلو پورو ڪيو، اهو ٿيو $\frac{٣٠٠٠٠٠٠٠٠}{٣٠٠٠٠٠٠} = ١٠٠$ ميٽر. انهيءَ فاصلي کي طول موج (لهر جي ڊيگهہ) چوندا آهـن. اڪثر ڏٺو ويندو تہ ريڊيو جي ڊائل تي، مختلف ميٽر بينڊن تي، لهرن جي جدا جدا ڊيگهہ ميٽرن ۾ ۽ فريڪئنسي سان لاڳاپو ڏنل هوندي آهي، جنهن جي مدد سان اسين سولائيءَ سان ڪابہ اسٽيشن چونڊي سگهون ٿا.

**منقلب لهرون:** هي لهرون $3(10)^8$ ميٽرس في سيڪنڊ جي رفتارسان ٽرانسميٽرجي ايريل کان نڪرن ٿيون. ۽ مختلف هنڌن تي وڃي ريڊيو سيٽ جي ايريل سان ٽڪرائجن ٿيون. ريڊيو رسيور (Radio Reciever)جي ايريل سان مختلف ٽرانسميٽرن مان ساڳئي وقت تـــي مختلف فريڪئنسي واريون ڪيئي لهرون اچي ٽڪرائجن ٿيون. انهن مختلف لهرن مان اسان پنهنجي مرضيءَ واري منقلب ريڊيائي لهر چونڊيون ٿا، (جيئن شڪل نمبر-٣، صفحي ٢٧ تي ڏيکاريل آهي.)

هڪ خاص فريڪئنسي واري لـهـر چونڊڻ ۽ ٻين کي خارج ڪرڻ لاءِ هڪ ڪوائل (InductiveCoil) ۽ ڪيپيسيٽر (Capacitor) جي ضرورت پوندي آهي، ان لاءِ وري ٽڪئيفي تعامل (Capacitive Reactance) ۽ امالي تعامل (Inductive Reactance) جو سمجهڻ لازمي آهي.

جئين فريڪئنسي وڌندي ويندي آهي، ٽڪئيفي تعامل گهٽ ٿيندو ويندو آهي، ليڪن امالـي تعامل وڌندو آهـي. هاڻـي اهڙو طريقو اختيار ڪجي جنهن جي مدد سان بجليءَ جي لهر هڪ خاص فريڪئنسي تي آسانيءَ سان لنگهي وڃي. اهو تڏهين ٿيندو، جڏهن ٻئي تعامل پاڻ ۾ برابر هوندا.

# ڪاميابيءَ جو اصول

ٻارڙا هن رسالي ۾ گهڻي دلچسپي وٺي رهيا آهن ۽ سندن لاڙو سائنسي ڳالهين لاءِ وڌي رهيو آهي جنهن جو ثبوت سندن لکيل خطن مان ملي ٿو. "سائنس" هڪ تمام وسيع موضوع آهي. دنيا ۾ جيڪي به شيون قدرت طرفان خلقيون ويون آهن يا انسانن پنهنجي دماغ سان ايجاد ڪيون آهن اهي سڀئي سائنس جي مختلف شاخن سان واسطو رکن ٿيون. سائنسي علم فقط اهيئي ٻار سمجهي ۽ سکي سگهندا جن ۾ هر شي بابت غور ڪرڻ ۽ انجي اصليت جي حقيقت معلوم ڪرڻ جو ذوق ۽ صلاحيت هوندي. جيتوڻيڪ نيون شيون ڳولڻ، ٺاهڻ ۽ انهن بابت پڇا ڳاڇا ڪرڻ ٻارن جي فطري عادت هوندي آهي پر عمر ۽ تجربي جي لحاظ کان وري به انهن کي پاڻ کان وڏن يا هڪجيڏين ساٿين جي مدد جي ضرورت پوي ٿي. تنهنڪري جيڪڏهين ڪنهن ٻارڪي ڪا ڳالهه سمجهه ۾ نه اچي سگهي ته انکي اها ڳالهه پنهنجن ٻين ڄاڻو دوستن يا مائٽن وغيره کان ضرور پڇڻ گهرجي ۽ جيسين تائين اها ڳالهه پوري طرح سمجهه ۾ نه اچي تيسين تائين ان بابت پڇا ڳاڇا ۽ غور ويچار جو سلسلو جاري رکڻ گهرجي، ٻيءَ صورت ۾ هننجو علم اڌورو رهجي ويندو. اڄ تائين جيڪي به نامور سائنسدان ٿي گذريا آهن انهن به انهيءَ ئي اصول تي عمل ڪري ڪاميابي حاصل ڪئي هئي- جيڪي ٻار انهيءَ نصيحت کي دل سان هنڊائيندا، تنکي سائنسي علم سمجهڻ ۾ ڪابه ڏکيائي نه ٿيندي ۽ هو نه رڳو پنهنجون مشڪلاتون دور ڪري سگهندا پر ٻين پاڻ جيڏن کي به ڏکئي وقت ۾ ڪم اچي سگهندا.

ماهنامو سائنس

# ٻارن جا صفحا

## ترتيب


| مضمون | مصنف | صفحو |
|---|---|---|
| • بئٽري سيل (برقدان) | عابد حسين جوڻيجو، ماڊل اسڪول سنڌ يونيورسٽي حيدرآباد | ٣٠ |
| • ڪسرت | فدا حسين پناڻ، اسسٽنٽ ڊائريڪٽر فزيڪل ايڊيوڪيشن انجنيئرنگ ڪاليج ڄامشورو | ٣٣ |
| • ايجادون ۽ موجد | محمدشريف - ايم- شيخ، انجنيئرنگ ڪاليج ڄامشورو | ٣٦ |
| • ٻچو ۽ ٻرايو (سوالن جا جواب) | اداره | ٣٧ |
| • جهرڪي | اداره | ٣٩ |

پوڻتي هٽائبو ته طاقت ختم ٿيڻ کانپوءِ آها وري پنهنجي ساڳي صورت اختيار ڪري بيهندي . ڪي شيون قدرتي طرح لچڪدار هونديون آهن ۽ ڪي وري لچڪدار نه هونديون آهن تنهنڪري غير لچڪدار شين کي هترادو طريقن سان لچڪدار بنايو ويندو آهي ته جيئن لچڪ پيدا ٿيڻ سان انهن ۾ وڌيڪ طاقت پيدا ٿي وڃي . اسان اڪثر اهو ڏسندا آهيون ته گهوڙي گاڏيءَ ۽ ٻين گاڏين جي ايڪسل (Axil) جون ڪمانيون وچ مان ٿلهيون ۽ پوءِ آهستي آهستي سنهيون هونديون آهن . اهڙيءَ طرح ٻلين جون ڪمانيون ۽ بجليءَ جا ٿنيا به انهيءَ اصول تي ٺهيل هوندا آهن ته جيئن هر قسم جي وزن کي پنهنجي لچڪ ۽ طاقت سان برداشت ڪري سگهن . انسان جي جسم جي بناوت به انهي اصول تي رکيل آهي. انسان پنهنجي هڏين کي نه , بلڪ گوشت ۽ مشڪن کي طاقتور بنائي سگهي ٿو. انهيءَ ڪري ضروري آهي ته اهڙي قسم جي ورزش ڪئي وڃي جو جسم ۾ تبديلي اچي ۽ لچڪ پيدا ٿي وڃي. ڪسرت سان نه رڳو جسم ۾ مضبوطي اچي ٿي پر خوبصورتي پڻ پيدا ٿئي ٿي . انهيءَ سان گڏ جسم ۾ هڪ قسم جو اطمينان, سڪون ۽ خوش مزاجي به پيدا ٿئي ٿي-

هاڻي سوال اهو ٿو اٿي ته بدن ۾ مناسب طاقت ۽ ڪشش ڪيئن پيدا ڪجي ؟ اهو سوال ۽ خيال انساني ذهن ۾ جانورن جي مشاهدي ڪرڻ کانپوءِ آيو جو ته شينهن جيڪو جهنگل جو بادشاهه تسليم ڪيو وڃي ٿو بادي بلڊنگ جو اسان جي اڳيان بهترين مثال آهي . اهوئي سبب آهي جو هو ٻين جانورن جي مقابلي ۾ وڌيڪ چالاڪ ڦڙت ۽ چست آهي جنهن ڪري هو ٻين جانورن جو بادشاهه تسليم ڪيو وڃي ٿو-

هاڻي اڄو ته ڏسون ته شينهن ۽ ٻين طاقتور جانورن جي بدن جو واڌارو ڪهڙين ڳالهين تي دارومدار رکي ٿو . اسين روز بروز جانورن جون جيڪي حرڪتون ۽ وندرون ڏسون ٿا تن کي نظر انداز ڪندا رهون ٿا . در اصل اهي ئي جانورن جون ڪسرتون آهن, جيڪي اڳتي هلي اسان جي رهبري ڪن ٿيون . مثال طور : هرڻ جي تيز ڊوڙ کي ڏسي ڊاڪٽر ائين چوڻ تي مجبور ٿي ويا ته "انسان جي تندرستيءَ لاءِ ڊوڙڻ هڪ بهترين عمل آهي".

ڪسرت ڪرڻ سان جسم ۾ خون جو دورو تيز ٿي ويندو آهي ۽ بدن ۾ جيڪي به بيماريءَ جا جيوڙا هوندا آهن سي پگهر جي رستي ٻاهر اچي ويندا آهن, تنهنڪري دل ۽ دماغ فرحت محسوس ڪندا آهن. اسانجو بدن اهڙي طرح ٺهيل آهي جو جيسين انجي هرهڪ عضوي کي مناسب ورزش نه ملندي تيسين منجهس رت ۽ آڪسيجن جو دورو پورو هلي نه سگهندو . اوهان ڏٺو هوندو ته زخم رسڻ جي حالت ۾ جيڪڏهن ڪا ٽنگ يا ٻانهن ٻڌجي بيڪار ٿي پوندي آهي ته ٻي ٽنگ يا ٻانهن کان ضعيف, سنهڙي ۽ ڪمزور ٿي پوندي آهي ۽ چاق ٿيڻ ۽ ورزش ڪرڻ سان رفته رفته ٻئي عضوي جهڙي ٿي پوندي آهي. انهيءَ اصول موجب مناسب ۽ باقاعدي ورزش بدن جي سڀني عضون تي سنو اثر ڪري ٿي.

دماغي ڪم ڪندڙ ماڻهو جن کي پنهنجي فرض جي بجا آوري ۾ جسماني پورهيو ڪرڻو نٿو پوي تن لاءِ جسماني ورزش ته هيڪاري ضروري آهي. ساڳي طرح جسماني ڪم ڪندڙن لاءِ اهو مناسب آهي ته هو ڪجهه وقت ذهني ڪم جهڙوڪ پڙهڻ وغيره ۾ لڳائين ته سندن سڀني قوتن جو استعمال ٿيندو رهي- ورزش يا ڪسرت ڪرڻ سان مشڪون يا هڏا زور وٺن ٿا- مشڪن جي سسڻ يا ڦنڊڻ ڪري رت جي نلين مان رت جو وهڪرو تيز وهي ٿو

# ايجادون ۽ موجد

| ايجاد | موجد | سن |
| --- | --- | --- |
| ڇپائي جي مشين | گوٽن برگ | ١٤٤٠ع |
| خوردبين | جينسن | ١٥٩٠ع |
| ٿرماميٽر | گيليلو | ١٥٩٣ع |
| دوربين | برشي جيمس | ١٦٠٨ع |
| بئراميٽر | ٽوري سيلي | ١٦٤٣ع |
| نئين دوربيني | نيوٽن | ١٦٨٨ع |
| پاري جو ٿرماميٽر | فارن هائيٽ | ١٧٢٠ع |
| بجلي پيدا ڪرڻ جي مشين | فرينڪ لين | ١٧٥٢ع |
| ڪپڙي اڻڻ جي مشين | جيمز هار گرلز | ١٧٦٤ع |
| ٻاڦ جي انجڻ | جميز واٽ | ١٧٦٥ع |
| بجليءَ جو سيل | والٽا | ١٨٠٠ع |
| اليڪٽروپليٽنگ | يوئنجي برگنيلي | ١٨٠٦ع |
| سيفٽي ليمپ | همفري ڊيوي | ١٨١٥ع |
| اسٽيٿسڪوپ | ريني لينڪ | ١٨١٦ع |
| ماچيس | واڪر | ١٨٢٧ع |
| ڊائنامو | فيراڊي | ١٨٣١ع |
| ريفريجريٽر | جيڪب پرڪنز | ١٨٣٤ع |
| بجليءَ جي تار | هراس | ١٨٣٤ع |
| ريوالور | سيموئل ڪولٽ | ١٨٣٥ع |
| سبڻ جي مشين | الياز هوڊ | ١٨٤٦ع |
| پرنٽنگ مشين | رچرڊ هوو | ١٨٤٧ع |
| مشين گن | رچرڊ ڊڪٽيلنگ | ١٨٦١ع |
| ٽائيپ رائٽر | ڪرسٽافر اسٽولز | ١٨٦٨ع |
| ٽيليفون | گراهم بيل | ١٨٧٦ع |
| فونوگراف | ٿامس | ١٨٧٧ع |
| فائونٽين پين | لوئيس واٽرمين | ١٨٨٤ع |
| موٽرڪار | ڊيلمر | ١٨٨٧ع |
| ڪوڊڪ ڪئميرا | جارج ايسٽ مين | ١٨٨٨ع |
| متحرڪ تصوير | ٿامس ايڊيسن | ١٨٩٣ع |
| ايڪس ري مشين | رونجن | ١٨٩٥ع |
| ريڊيو | مارڪوني | ١٨٩٥ع |
| ٽريڪٽر | بنجمن هولٽ | ١٩٠٠ع |
| هوائي جهاز | البرٽ رائٽ ۽ آرول رائٽ (رائٽ برادرس) | ١٩٠٣ع يا ١٩٠٤ع |
| هيلي ڪاپٽر | لوئيس بريڪٽ | ١٩٠٩ع |
| ملٽري ٽئنڪ | سر ارنسٽ سوئنٽن | ١٩١٤ع |
| آٽوميٽڪ رائيفل | برائوننگ | ١٩١٨ع |

## دنيا جو سڀ کان وڏو حساب دان

البرٽ آئن اسٽائن، ننڍپڻ ۾ نهايت سست ۽ شرميلو هوندو هو. هو پڙهڻ ۾ اهڙو ته ڏڏو هوندو هو جو استاد هن مان تنگ ٿي پوندا هئا. پر اهوئي ڇوڪر وڏي هوندي پنهنجي "نظريه اضافت" جي دريافت سبب، ويهين صديءَ جو سڀ کان وڏو رياضي دان بڻجي ويو. آئن اسٽائن نهايت سادي زندگي بسر ڪندو هو. هنکي دولت ۽ آرام کان نفرت هوندي هئي. هميشه بنا استريءَ جي پراڻا ڪپڙا پائيندو هو. دنيا جي هن سڀ کان وڏي حساب دان جو هڪ لطيفو مشهور آهي ته هڪ ڏينهن ٽرام ۾ سفر ڪندي هن بي خياليءَ ۾ ڪنڊڪٽر کي ڏيو ته تو ريزگاري پوري نه ڏني آهي. ڪنڊڪٽر ٻيهر پئسا ڳڻي سندس هٿ ۾ رکندي جواب ڏنو، "پئسا ته پورا آهن پر تون ڪو اهڙو جاهل آهين جو ڳڻپ به نٿو ڪري سگهين!"



# پڇو ۽ پرايو

هي ڪالم پارن طرفان پڇيل سوالن جي جوابن لاءِ مخصوص ڪيو ويو آهي. سوال مختصر ۽ سائنسي معلومات بابت هئڻ گهرجن. هر پارڪي هر مهني فقط هڪ سوال پڇڻ گهرجي، جيئن سڀني پارن کي جواب وٺڻ جو موقعو ملي سگهي. (ايڊيٽر)

**امجد حسين ميمڻ**

**سوال** - آڪسيجن ۽ هيڊروجن جو ڪيميائي فارمولا ڇا آهي؟

**جواب** - آڪسيجن $O_2$، هيڊروجن $H_2$.

**عبدالرزاق شيخ لاڙڪاڻو**

**سوال** - هن دؤر ۾ ڪهڙو ملڪ سڀ کان وڌيڪ ائٽمي طاقت رکي ٿو؟

**جواب** - دنيا ۾ ڪيترائي ملڪ آهن جن کي ائٽمي طاقت ۾ برتري حاصل آهي جهڙوڪ: آمريڪا، روس، برطانيه، فرانس، ۽ چين وغيره. پر آمريڪا ۽ روس في الحال ايٽمي طاقت جي لحاظ کان ٻين ملڪن جي مقابلي ۾ وڌيڪ طاقتور آهن.

**شير محمد شيخ لاڙڪاڻو**

**سوال** - ڪراچي-حيدرآباد شاهراه تي اڇي ۽ ڪاري رنگ جا پٿر ڪيترين جڳهن تي لڳل آهن جنجو مٿيون حصو رات جو پري کان صاف ۽ روشن نظر ايندو آهي - انهيءَ ۾ ڪهڙو راز آهي؟

**جواب** - انهن پٿرن جي مٿين حصن تي هڪ اهڙو رنگ (Flourscent Paint) لڳايو ويندو آهي جيڪو روشني پوڻ سان وڌيڪ چمڪندو آهي ۽ ائين محسوس ٿيندو آهي جڻ ڪا بتي پيئي ٻري - اڪثر وڏن رستن تي انهي پينٽ جو استعمال ڪيو ويندو آهي.

**روشن علي بلوچ، نوابشاه**

**سوال** - سگريٽ يا بيڙي پيئڻ سان بدن ۾ ڪهڙي گيس پيدا ٿئي ٿي ۽ اها ڪهڙو نقصان پهچائي ٿي؟

**جواب** - سگريٽ يا بيڙيءَ ۾ تماڪ هوندو آهي ۽ تماڪ ۾ هڪ ڪيميائي مرڪب نڪوٽين (Nicotine) موجود آهي جيڪو هڪ خطرناڪ زهر آهي - بيڙي ڇڪڻ وقت نڪوٽين بخار جي صورت ۾ بدن ۾ داخل ٿئي ٿي ۽ جسم کي نقصان پهچائي ٿي. نڪوٽين ڪيترين ئي بيمارين جهڙوڪ: سرطان، دل جو دهڪو، گلي جي خراش، کنگهه ۽ نظر جي ڪمزوري جو پڻ سبب بڻجي ٿي.

**ايم عثمان عادل، ٽنڊو محمد خان**

**سوال** - آئيس ڪريم ٺاهڻ وقت برف ۽ لوڻ کي ڇو ملائبو آهي؟

**جواب** - برف جو عام طرح ٽيمپريچر $0°c$ هوندو آهي ۽ آئيس ڪريم جمائڻ لاءِ انهيءَ کان گهٽ ٽيمپريچر جي ضرورت پوندي آهي - برف ۾ لوڻ ملائڻ سان انجو ٽيمپريچر $-5°c$ - $10°c$ تائين پهچي ويندو آهي تنهنڪري آئيس ڪريم جمڻ ۾ آساني ٿي پوندي آهي.

# جهرڪي

## [ قدرتي هوائي جهاز ]

جهرڪي ، هڪ ننڍڙو پکي آهي جنهنکي توهين روزانه پنهنجي گهر ۾ يا آس پاس اڏامندي ڏسندا آهيو. توهانجي دل ۾ به اها خواهش پيدا ٿيندي هوندي ته جيڪر توهين بہ انهن پکين وانگر هوا ۾ اڏامڻ جو مزو وٺو. توهانجي اهڙي خواهشڪانئين ڳالهه ڪانهي، ڇوته اڄ کان ڪجهه صديون اڳ انسانن به اهاڪوشش شروع ڪئي ته اهي به پکين وانگر اڏامڻ لڳن. تي سگهي ٿو ته انهن جهرڪين جهڙن قدرتي هوائي جهازن کي اڏامندو ڏسي موجوده هوائي جهاز ايجاد ڪيو هجي.

جهرڪي ، قدرت جي هڪ ننڍڙي ۽ سهڻي مخلوق آهي. انجي جسماني بناوت مان ظاهر ٿئي ٿو ته گوشت جي هڪ ننڍڙي لوٿڙي کي اهڙي انداز سان خلقيو ويو آهي جئين هو سوين ميلن جو سفر سولائيءَ سان ڪري سگهي-

جهرڪين جو دماغ تمام نازڪ ۽ ننڍڙو هوندو آهي پر اکيون وڏيون ۽ نهايت تيز هونديون اٿن . عام طور تي جهرڪين ۾ ڏسن جي قوت اسانجي نظر کان ڏه دفعا وڌيڪ تيز هوندي آهي. توهانکي بڌي عجب لڳندو ته هن پکيءَ جي دل هڪ منٽ ۾ پنج سؤ دفعا ڌڙڪي ٿي. اهڙيءَ طرح هنجي جسم جي گرمي جو درجو انسان جي جسم جي گرميءَ جي درجي کان گهڻو وڌيڪ هوندو آهي. اسانجي جسم جون هڏيون سخت ۽ مضبوط ٿينديون آهن پر جهرڪين جون نازڪ هڏيون تيلين وانگر هلڪيون ۽ کوکليون هونديون آهن ته جئين اڏامڻ وقت سندن وزن به هلڪو رهي. جهرڪيءَ جي ڇاتيءَ ۽ پٺ جون هڏيون پاڻ ۾



اهڙي طرح ڳنڍيل هونديون آهن جو انهن جو جسماني ڍانچو بلڪل هڪ پڃري وانگر نظر ايندو آهي.

جهرڪيءَ کي ڏند ڪونه ٿين , انجي بدران وري کيس هڪ چهنب مليل آهي. هنجا پک سندس سڄي جسم جي وزن جي چوٿين حصي جي برابر هوندا آهن. جهرڪين جي اڏامڻ جي رفتار به تمام تيز ٿيندي آهي. عقاب لاءِ مشهور آهي ته اهو هڪ ڪلاڪ ۾ سؤ ميل جي رفتار سان اڏامندو آهي پر ڪن جهرڪين جي رفتار ان کان به وڌيڪ تيز ٿيندي آهي. جهرڪيون زمين تي لهڻ وقت پنهنجن پيرن جي پنجن کان مدد وٺنديون آهن . ڇاتيءَ جو اڳيون حصو به کيس لهڻ ۾ مدد ڪندو آهي. هننجا پير تمام نازڪ ٿين ٿا . پيرن ۾ ٿن تيلين وانگر نازڪ هڏيون هونديون آهن جنجي مدد سان آسانيءَ سان هيٺ لهي سگهنديون آهن ۽ اڏامڻ وقت به انهن سان زور لڳائينديون آهن .

انسانن جي رنگن ۽ نسلن وانگر جهرڪين جا به جدا جدا رنگ ۽ نسل ٿيندا آهن ۽ اهڙي طرح هننجون پنهنجيون برادريون بہ هونديون آهن. توهان ڪڏهين ڏٺو هوندو ته جڏهين ڪا جهرڪي مري ويندي آهي ته ٻيون ڪيتريون ئي جهرڪيون آسپاس اچي گڏ ٿينديون

MONTHLY **Science** MAGAZINE

Approved by the Directorate of Education, Hyderabad Region

Vol: 1 | MAY 1971 | No. 5

قائم شده ١٩٤١

حبيب بينڪ کي بهتر خدمت جو موقعو ڏيو




[illegible]

هاڻي نيويارڪ ۾

حبيب بينڪ لميٽڊ

حبيب بينڪ (اوورسيز) لميٽڊ
(پاڪستان ۾ تشڪيل شده)

حبيب بينڪ اي جي زيورچ
(سوئٽزرلينڊ ۾ تشڪيل شده)

برانچون
بحرين . بابل بحرين . بيروت . برمنگهم . بمبئي . برئڊفورڊ . ڪولمبو . ڪوالالمپور . ديرا . دوبئي . زيورچ . گليسگو . لنڊن . لنڊن ايسٽ اينڊ . مانچسٽر . ممباسه . نيويارڪ . پورٽ لوئي . راس الخيمه . شارجه . شيفيلڊ

Printed by Aijaz Mohammed Siddiqui Manager Sind University Press, Hyderabad Sind
& Published by Ghulam Ali Allana, Asstt: Director, Institute of Sindhology, Hyd. Sind.